# کير وارن جانورن جون نسلون ۽ انهن جي چونڊ



Charles Sturt University

Australian AID


اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ

يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز، لاهور.

ويب سائٽ:www.aslpdairy.pk



Charles Sturt University

Australian AID



اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ

يونيورسٽي آف ويٽرنري اينڊ اينيمل سائنسز، لاهور.



فون: 042-37212339



ويب سائٽ:www.aslpdairy.pk

# مهاڳ

اي ايس ايل پي، ڊيري پراجيڪٽ آسٽريلوي ۽ پاڪستاني حڪومتن جي وچ ۾ هڪ اهڙو منصوبو آهي جنهن جو مقصد توسيعي سکيا جي ذريعي ننڍي ڊيري فارمرز جي جانورن ۾ کير جي پيداوار وڌائي ان جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن ۾ بهتري آڻي سگهجي. کير جي پيداوار ۾ اضافو صرف انهي وقت ممڪن هوندو جڏهن ڊيري فارمر کي پنهنجي جانورن جي رهائش، خوراڪ، صحت ۽ نسل وڌائڻ جهڙن تمام بنيادي ڪمن جي مڪمل ڄاڻ هجي.

هن تربيتي ڪتاب جو مقصد ڊيري فارمرز کي جانورن جي بهتر سار سنڀال جي بنيادي اصولن جي مڪمل آگاهي ڏيڻ آهي ته جيئن في جانور جي سراسري پيداوار ۾ اضافو ٿي سگهي. جنهن سان پاڪستان جي ڳوٺن ۾ غربت جي شرح ۾ گهٽتائي ۽ ماڻهن جي طرز زندگي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملي سگهي. هن تربيتي ڪتاب جي انفراديت هي آهي ته هن ۾ موجود سڄي معلومات مستند ۽ ذاتي تجربن تي ٻڌل آهي جيڪو ڊيري ٽيم کي پراجيڪٽ جي پهرين فيز جي دوران حاصل ٿيون. هن تربيتي ڪتاب مان نه صرف ڊيري فارمرز پر وليج ويٽرنري ورڪرز، ويٽرنري اسسٽنٽ ۽ ويٽرنري ڊاڪٽر پڻ فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا. هن تربيتي ڪتاب کي ڇپائڻ لاءِ اسان آسٽريلوي حڪومت جي بين الاقوامي زرعي تحقيقاتي اداري جا مشڪور آهيون.

ڊيري ٽيم

# فهرست


| سيريل نمبر | عنوان | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| 1- | اهميت | 1 |
| 2- | کيروارن جانورن جون نسلون | 3 |
| 3- | بهتر پيداواري خاصيتن جي جانورن جي چونڊ | 23 |
| 4- | کيروارن جانورن جي خريداري جي لاءِ تجويزون | 31 |
| 5- | مال پڙين جي معلومات | 34 |




# اهميت

قدرت پاڪستان کي مختلف جاگرافيائي بيهڪ مطابق جانورن جي بيشمار نسلن سان نوازيو آهي . خاص ڪري کير وارن جانورن جون نسلون جن ۾ نيلي راوي، ڪنڍي مينهن، ساهيوال، چولستاني ۽ ڳاڙهي مليري ڳئون تہ پنهنجي مثال پاڻ آهن . چو تہ هن نسلن ۾ موسمي اثرن کي برداشت ڪرڻ، بيمارين جي خلاف قوت رکڻ ۽ عام خوراڪ تي بہ بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري سگهن ٿا .

اسان جي ملڪ ۾ وڌندڙ آبادي کي سامهون رکندي کير جي پيداواري گهرج ۾ زبردست حد تائين اضافو ٿي رهيو آهي . اهو ئي سبب آهي جو بيشمار ماڻهو ڊيري فارمنگ سان ڳنڍجي رهيا آهن ۽ جيڪي ماڻهو پهريان کان ئي انهي ڪاروبار سان لاڳاپيل آهن اُهي انهي کي جديد طريقي تي هلائڻ جا خواهشمند آهن .

سٺي نسل ۽ بهتر پيداوار جي صلاحيت وارا جانور ڪامياب ڊيري فارم جي ڪنجي هوندا آهن اهو ئي سبب آهي تہ هر ڊيري فارمر جانور خريد ڪرڻ وقت هميشہ بهتر پيداوار، نسلي پيداوار، رويو، بيمارين جي خلاف قوت مدافعت ۽ بهتر قيمت ۾ وڪرو ٿيندڙ جانورن کي وٺڻ جا خواهشمند هوندا آهن پر بدقسمتي سان اسان وٽ جانورن ۾ ريڪارڊ رکڻ جو نظام نہ هئڻ ۽ حقيتن کي لڪائڻ جي ڪري سٺي جانور جي چونڊ ڏاڍو مشڪل مرحلو آهي .



اعلىٰ نسل جي بهترين جانور جي چونڊ جي لاءِ بهتر ڄاڻ، تجربو ۽ موقع پرست واپارين جي ٻڌائيل حقيقتن کي سڃاڻڻ جو هنر اچڻ گهرجي . انهي حقيقت کي سامهون رکندي ڊيري فارمرز کي کير وارن جانورن جون مختلف نسلون ۽ انهن جون مخصوص خاصيتن جي مڪمل طور تي ڄاڻ هجڻ تمام ضروري آهي .



# كير وارن جانورن جون مختلف نسلون

## ساهيوال ڳئون

انهي نسل جو آبائي تعلق ستلج ۽ راوي دريا جي وچ وارن علائقن سان آهي جنهن کي عام زبان ۾ گنجي بار چيو ويندو آهي . اهي علائقا پنجاب صوبي جي ضلعن ساهيوال، اوڪاڙا، ملتان، فيصل آباد ۽ ٽوبہ ٽيڪ سنگ تي مشتمل آهي . اها نسل پنهجي منفرد خاصيتن يعني پيداواري صلاحيت، شديد موسمي اثرن جي خلاف قوت برداشت، چچڙن ۽ وچڙندڙبيمارين جي خلاف مدافعت جي ڪري سڄي دنيا ۾ مقبول آهي .





## نسلي خاصيتون

مخروطي بيهڪ، متوازن جسم، ننڍو مٿو، وڏا لٽڪيل ڪن، ڪاريون اکيون، واضح ٿوهو، وڏي سنهو ڪارو چڳيدار پُڇ ۽ ڪارا کُر انهي نسل جون خاص نشانيون آهن . عام طور تي ساهيوال نسل جي جانورن جو رويو چست ۽ جارحانہ هوندو آهي انهي ڪان سواءِ ڪجھ جانورن ۾ مڪمل کير نہ لاهڻ جا مسئلا بہ پيش ايندا آهن .

**جسماني رنگ** انهي جي کل نرم، لڙڪيل لچڪدار ڏُن وڏي هوندي آهي جڏهن تہ ويڪري ۽ تھ در تھ جهالر انهي نسل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن . عام طور تي ڊيري فارمر ڳاڙهائڻ مائل ڀوري رنگ کان گهري ڳاڙهي رنگ کي پسند ڪندا آهن .





## ٿوهو

ساهيوال نسل جي جانورن ۾ ٿوهو انتهائي اپريل ۽ واضع هوندو آهي .





## اوهه ۽ ٿڻ

کير ڏيندڙ جانور جو اوهه گهڻو ڪري وڏو، لڏندڙ ۽ بيضوي شڪل جو هوندو آهي جنهن تي رڳون واضح نظر ايندیون آهن جڏهن تہ ٿڻ وڏا ۽ گهرا ڳاڙها هوندا آهن .







## سِنگ

هن جا سِنگ ننڍا، ٿلها ۽ نوڪدار هوندا آهن پر بغير سِنگن وارا جانور وڌيڪ پسند ڪيا ويندا آهن .





| نمبر | نسلي خاصيتون | |
|---|---|---|
| -1 | سراسري پيدائشي وزن(مادي) ڪلوگرام | 20-22 |
| -2 | سراسري پيدائشي وزن(نر) ڪلوگرام | 22-24 |
| -3 | جوان ٿيڻ جي سراسري عمر(مهينا) | 27 |
| -4 | جوان ٿيڻ وقت سراسري وزن(ڪلوگرام) | 225 |
| -5 | پهرين ڦر وقت سراسري عمر(مهينا) | 36 |
| -6 | ڦرجي پيدائش کان اڳلي حمل ٺائين وارو عرصو(ڏينهن) | 156 |
| -7 | ڍڪڻ جو عرصو(ڏينهن) | 285 |
| -8 | کير ڏيڻ وارو عرصو(ڏينهن) | 290 |
| -9 | ٻن ڦرن جي پيدائش جو وچ وارو عرصو(ڏينهن) | 440 |
| -10 | وڌ کان وڌ گهڻو کير جي پيداوار(ڪلوگرام) | 33 |
| -11 | کير ڏيڻ جي سراسري پيداوار(ڪلوگرام) | 2200 |
| -12 | کير ۾ سٿپ(سيڪڙو) | 4.6 |

## چولستاني ڳئون

هي جانور ساهيوال نسل جي آباڻن ۾ سمجهيو ويندو آهي . انهي نسل جو تعلق ضلعو بهاولپور، بهاول نگر، رحيم يارخان ۽ خاص طور تي چولستان سان آهي .





## نسلي خاصيتون

هي جانور گهٽو ڪري وچولي ۽ ڍهري جسم جا مالڪ هوندا آهن . ننڍو مٿو، وچولا لٽڪيل ڪن، ڪارو ٿوهو، ڪاريون پلڪون، ڪارو ڇڳيدار پُڇ ۽ ڪارا کُر چولستاني ڳئون جون خاص خاصيتون آهن . انهي جانورن ۾ ٿوهو واضع ۽ رويو چست هوندو آهي

**جسماني رنگ** چولستاني ڳئون اڇي چمڙي جي مٿان ڀورا، ڳاڙها يا ڪارن داغن جي ڪري منفرد هوندي آهي .



**کل** کل ڍهري، وزني، پڪڙيل جهالر ۽ لٽڪيل ڌُن تمام واضع نظر ايندي آهي .





## اوھہ ٿڻ

انهن جو اوهہ وچولو ۽ مضبوط هوندو آهي جنهن تي رڳو واضع نظر اينديون آهن ۽ ٿڻ عام طور تي گهري رنگ جا هوندا آهن .





| نمبر | نسلي خاصيتون | |
|---|---|---|
| 1- | سراسري پيدائشي و زن(مادي) ڪلوگرام | 18 |
| 2- | سراسري پيدائشي وزن(نر) ڪلوگرام | 20 |
| 3- | جوان ٿيڻ جي سراسري عمر(مهينا) | 36 |
| 4- | جوان ٿيڻ وقت سراسري وزن(ڪلوگرام) | 235 |
| 5- | پهرين ڦر وقت سراسري عمر(مهينا) | 50 |
| 6- | ڦرجي پيدائش کان اڳلي حمل تائين وارو عرصو(ڏينهن) | 140 |
| 7- | ڍڪپڻ جو عرصو (ڏينهن) | 280 |
| 8- | کير ڏيڻ وارو عرصو(ڏينهن) | 285 |
| 9- | ٻن ڦرن جي پيدائش جو وچ وارو عرصو(ڏينهن) | 425 |
| 10- | وڌ کان وڌ گهٽ کير جي پيداوار(ڪلوگرام) | 26 |
| 11- | کير ڏيڻ جي سراسري پيداوار(ڪلوگرام) | 2000 |
| 12- | کير ۾ سٽيپ(سيڪڙو) | 4.6 |



## ڳاڙهي مليري

هي نسل صوبي سنڌ ۾ ڪراچي جي ڪجھ حصن، ٺٽو، دادو، حيدرآباد کانسواءِ صوبہ بلوچستان جي ضلع لسبيلا جي باراني علائقن تائين پکڙيل آهي . اها نسل شديد گرمي کي برداشت ڪرڻ کان سواءِ چچڙن ۽ مختلف بيمارين جي خلاف قوت مدافعت رکندي آهي .



## نسلي خاصيتون

انهن جانورن جو رنگ ساهيوال ڳئون جي نسبت گهاٽو ڳاڙو جڏهن تہ نر جو رنگ ڪلهن تي وڌيڪ گهاٽو هوندو آهي . وچولو قد، مضبوط جسم، وڏو مٿو، پيشاني ايريل، ننڍا ڪن، ڪاريون اکيون ۽ سنهي ڪاري ڇڳيدار پڇ انهي نسل جون خاص خاصيتون آهن . انهي جانورن جو ٿوهو واضع هوندو

آهي جڏهن تہ ڪل نرم ۽ لچڪدار هوندي آهي . جهالر نر ۽ مادي ٻنهي ۾ برابر هوندي آهي جڏهن تہ نر ۾ ڏُن لڏندڙ ۽ مادي ۾ (واجبي) هوندي آهي . انهن جانورن جا سِنڱ عام طور تي ٿلها ۽ نوڪدار هوندا آهن . کير ڏيڻ وارن جانور جو اوهہ مضبوط ۽ بيضوي شڪل جو هوندو آهي جڏهن تہ ٿڻ گهرا ڳاڙها هوندا آهن . انهن جانور جو رويو چست هوندو آهي .





| نمبر | نسلي خاصيتون | |
|---|---|---|
| 1- | سراسري پيدائشي وزن(مادي) ڪلوگرام | 20-15 |
| 2- | سراسري پيدائشي وزن(نر) ڪلوگرام | 20-18 |
| 3- | جوان ٿيڻ جي سراسري عمر(مهينا) | 40-36 |
| 4- | جوان ٿيڻ وقت سراسري وزن(ڪلوگرام) | 230 |
| 5- | پهرين ڦر وقت سراسري عمر(مهينا) | 45 |
| 6- | ڦرجي پيدائش کان اڳلي حمل تائين وارو عرصو(ڏينهن) | 210 |

| نمبر | نسلي خاصيتون | |
|---|---|---|
| 7- | ڍڪڻ جو عرصو(ڏينهن) | 288 |
| 8- | کير ڏيڻ وارو عرصو(ڏينهن) | 280 |
| 9- | ٻن ڦرن جي پيدائش جو وچ وارو عرصو(ڏينهن) | 445 |
| 10- | وڌ کان وڌ گهٽ کير جي پيداوار(ڪلوگرام) | 26.6 |
| 11- | کير ڏيڻ جي سراسري پيداوار(ڪلوگرام) | 2000 |
| 12- | کير ۾ سٿپ(سيڪڙو) | 5.2-4.5 |



## ٻسر ڳئون

مختلف نسلن جي گڏيل ميلاپ سان پيدا ٿيڻ واري نسل کي ڪراس يا ٻسر نسل چورائيندي آهي. ولائتي نسل جي ڳئون ۾ وڌيڪ کير ڏيڻ جي صلاحيت هوندي آهي . جڏهن تہ ديسي ڳئون ۾ مختلف بيمارين جي خلاف قوت مدافعت ۽ شديد موسمي ڏياءُ کي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت بہ موجود هوندي آهي انهي ڪري ٻسر نسل ولائتي ۽ ديسي ٻنهي جي نمايان خاصيتن جو مجموعو چوندا آهن .



گهڻو ڪري ٻسر نسل جي کير ڏيندڙ جانورن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ولائتي (فريزن، جرسي) ۽ ديسي (ساهيوال، چولستاني ۽ ڳاڙهي مليري) نسلن جو گڏيل ملاپ گهڻو مقبول آهي . ٻسرنسل جي جانورن جن ۾ ولائتي ۽ ديسي نسلن جي رت جو تناسب 50:50 هوندو آهي . انهن جانورن کي F1 چيووويندو آهي . اڄ تائين ڪيل تحقيق جي مطابق 50 سيڪڙو ولائتي رت واري ڳئون پيداواري لحاظ سان بهتر

سمجهي ويندي آهي . جڏهن تہ اهڙن جانور جن ۾ ولائتي نسل جي رت جو تناسب 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ٿي وڃي تہ انهن ۾ پيداوار، شديد موسمي اثرن کي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت، چچڙن ۽ بيمارين جي خلاف قوت مدافعت ۾ گهٽتائي ٿي ويندي آهي انهي ڪري ٻسر نسل ۾ 50 سيڪڙو ولائتي رت جو تناسب قائم رکڻ جي لاءِ انهن ۾ F1 جانورن سان ئي نسل ڪشيڪرايو .

## نسليخاصيتون

انهي جانورن جي وڏي مخروطي جسامت غير نمايان ٿوهو ڏگهي ڇڳيدار پڇ سان گڏوگڏ جهالر ۽ ڏُن ديسي جانورن جي نسبت تمام ننڍو هوندو آهي . ولائتي رت جو تناسب 50 سيڪڙو کان وڌيڪ هجڻ جي صورت ۾ جهالر ۽ ڏُن ننڍي ٿيندي ويندي آهي . انهن جا سنڱ تقريبن ننڍا ۽ نوڪدار هوندا آهن . اگر شروعاتي عمر کان ئي سنڱن جو خاتمون ڪري انهن جانورن جي خوبصورتي ۽ قيمت ۾ اضافو ڪري سگجي ٿو .

## جسماني رنگ

ٻسرنسل جي جانورن جي ڪابہ مخصوص رنگت نہ هوندي آهي جڏهن تہ انهن جو مڪمل دارومدار انهن جي ابن ڏاڏن تي هوندو آهي . ساهيوال فريزن سان حاصل ٿيندڙ F1 جانورن جو رنگ گهڻو ڪري ڪارو هوندو آهي جيئن جيئن ولائتي رت جو تناسب 50 سيڪڙو کان وڌي ٿو نتيجن ڦرن جي جسماني رنگت فريزن (ڪارو ۽ اڇو) سان مشابهت ٿيڻ لڳندي آهي .







## اوهہ ۽ ٿڻ

ڪيرڏيڻ وارن جانورن جو اوهہ وڏو ۽ مضبوطي سان جڙيل هوندو آهي جڏهن تہ ٿڻ مُٺ پر ڏگها ۽ برابر فاصلي تي هوندا آهن . F1 جانورن جي ٿڻن جي رنگت گهڻو ڪري گهري هوندي آهي ۽ ڪاري رنگ جا ٿڻ ڊيري فارمرز وڌيڪ پسند ڪندا آهن ولائتي رت جو تناسب 50 سيڪڙو کان وڌيڪ ٿي وڃڻ جي صورت ۾ ٿڻ ننڍا ۽ اڇي رنگ جا ٿيڻ شروع ٿي ويندا آهن . هتي اها ڳالهہ بہ قابلِ ذڪر آهي تہ اڇي رنگ جي ٿڻن ۾ اوهہ يا ٿڻن جي بيماري جا امڪان وڌي ويندا آهن .





| نمبر | نسلي خاصيتون | |
|---|---|---|
| -1 | سراسري پيدائشي وزن(مادي) ڪلوگرام | 23 |
| -2 | سراسري پيدائشي وزن(نر) ڪلوگرام | 25 |
| -3 | جوان ٿيڻ جي سراسري عمر (مهينا) | 15 |
| -4 | جوان ٿيڻ وقت سراسري وزن (ڪلوگرام) | 254 |
| -5 | پهرين ڦر وقت سراسري عمر (مهينا) | 26 |
| -6 | ڦرجي پيدائش کان اڳلي حمل ٺائين وارو عرصو (ڏينهن) | 137 |

| نمبر | نسلي خاصيتون | |
|---|---|---|
| -7 | ڍڪڻ جو عرصو (ڏينهن) | 310 |
| -8 | کير ڏيڻ وارو عرصو (ڏينهن) | 313 |
| -9 | ٻن ڦرن جي پيدائش جو وچ وارو عرصو (ڏينهن) | 512 |
| -10 | وڌ کان وڌ گهڻو کير جي پيداوار (ڪلوگرام) | 72.8 |
| -11 | کير ڏيڻ جي سراسري پيداوار (ڪلوگرام) | 2700 |
| -12 | کير ۾ سٿپ (سيڪڙو) | 4 |





## نيلي راوي مينهن

نيلي راوي مينهن جو آباڻو تعلق صوبہ پنجاب جي درياءِ ستلج ۽ راوي جي ويجهن ضلعن لاهور، پاڪپتن، شيخو پوره، فيصل آباد، اوڪاڙه، ساهيوال، ويهاڙي، ملتان، بهاولپور ۽ بهاولنگر سان آهي هي پنهنجي اعلیٰ پيداواري خاصيتن جي ڪري سڄي ملڪ ۾ ملندي آهي . پاڪستان ۾ کير جي پيداوار جي لحاظ سان مينهن نمايان ڪردار ادا ڪري رهي آهي ۽ ان جو کير وڏيڪ سٽپ جي ڪري تمام مشهور آهي .



## نسلي خاصيتون

هي جانور پرڪشش، مخروطي جسامت، جسماني عضون ۾ هڪ جهڙائي، ايريل پيشاني، ويڪرو ٿوهو، اڇيون اکيون، ڊگها ۽ لٽڪندڙ ڪن، ڊگهي ۽ سنهي ڳچي ۽ پڇ ڊگهي جنهن جو هيٺيون چوٿائي حصو اڇو هوندو آهي . انهي جانور جو مناسب قد ۽ مضبوط وچوليون ٽنگون هونديون آهن . انهي جي چمڙي سنهڙي جنهن تي رت جون رڳون واضع نظر اينديون آهن . پاسرائيون کليل ۽ ڊگهيون جنهن رخ ڦهليل هوندو آهي ٿوهو ننديو ۽ ڪڏا ۽ پٺي ويڪري، اندريان مُرا اڇا هوندا آهن.پيٽ ۽ چيلهه جي بناوٽ متوازن جڏهن تي سيني جي چوڙائي وڏي ۽ کليل هوندي آهي انهي جانورن جو رويو عام طور تي نرم مزاج هوندو آهي .

**جسماني رنگ** انهن جو رنگ گهڻو ڪري ڪارو پر ڪجهه جانور پوري رنگ جا بہ هوندا آهن . انهي نسل ۾ گهڻو ڪري پيشاني، چهرو، ڏاڙهي، پُڇ ۽ ٽنگن جي هيٺ واري حصي تي اڇا نشان هوندا آهن جنهن جي ڪري انهي کي پنج ڪليون چيو ويندو آهي . هتي اِها ڳالهه بہ قابل ذڪر آهي تہ هن نسل جي هر جانور ۾ پنج ئي اڇا نشان هجڻ ضروري ناهِن .







**سنگ** انهي جا سنگ عام طور تي ننڍا ۽ مڙيل گول هوندا آهن جڏهن تہ ڪجهه جانورن جا سنگ سدها هيٺيان جي طرف جهڪيل هوندا آهن . جنهن ڪي عرف عام ۾ ميني چوندا آهن .





**اوهہ ۽ ٿڻ** اوهہ وڏو، ڊگهو، متوازن ۽ مظبوطي سان جسم سان جڙيل هوندو آهي . ٿڻ مٺي پر ۽ برابر فاصلي تيہوندا آهن .





| نمبر | نسلي خاصيتون | |
|---|---|---|
| 1- | سراسري پيدائشي و زن(مادي) ڪلوگرام | 32 |
| 2- | سراسري پيدائشي وزن(نر) ڪلوگرام | 35 |
| 3- | جوان ٿيڻ جي سراسري عمر(مهينا) | 32-36 |
| 4- | جوان ٿيڻ وقت سراسري وزن (ڪلوگرام) | 450 |
| 5- | پهرين ڦر وقت سراسري عمر(مهينا) | 40 |
| 6- | ڦرجي پيدائش کان اڳلي حمل ٺائين وارو عرصو(ڏينهن) | 230 |
| 7- | ڏڪڻ جو عرصو (ڏينهن) | 310 |
| 8- | کيرڏيڻ وارو عرصو(ڏينهن) | 7 |
| 9- | ٻن ڦرن جي پيدائش جو وچ وارو عرصو(ڏينهن) | 540 |
| 10- | وڌ کان وڌ گهڻو کير جي پيداوار (ڪلوگرام) | 47 |
| 11- | کيرڏيڻ جي سراسري پيداوار(ڪلوگرام) | 2400 |
| 12- | کير ۾ ٿڌاڻ(سيڪڙو) | 6.5 |





## ڪنڊي مينهن

هن نسل جو تعلق صوبي سنڌ جي سنڌو درياهه جي ٻنهي ڪنارن جي ڀرپاسي وارن ضلعن دادو، سکر، حيدرآباد، بدين، ڪراچي، لاڙڪاڻو، نواب شاهه، سانگهڙ ۽ ٺٽوڪان سواءِ بلوچستان جي ڪڇهه ضلعن سان آهي . انهي مينهن جا سنگ هُڪدار ۽ اندرين طرف مڙيل هوندا آهن جنهن جي ڪري هن جو نالو ڪنڊي رکيو ويو آهي .



## نسلي خاصيتون

هن نسل جي جانور جو رنگ ڪارو، سڊول مخروطي جسامت، ننڍي پيشاني، ڳچي جسم جي نسبتن ننڍي، وچولا ڪن، ڪاريون وڏيون اکيون ۽ هڪ ٻي کان فاصلي تي، وچولو ٿوهو، ننڍو سنهو پڇ ۽ سڄو ڪارو هوندو آهي . انهن جي چمڙي سنهي، نرم ۽ ملائم ان جي مٿان رت جي رڳن جو ڄار واضح هوندو آهي . پاسرائيون ڪليل ۽ ڏگهيون جنهن رخ پڪڙيل هوندو آهي . پٺ سڌي ۽ ويڪري، ڪلها ويڪرا پيٽ، چيلهه جي بناوت ۽ سيني جي ويڪر وچولي ۽ برابر هوندي آهي . جسماني رنگ سڄو ڪارو هوندو آهي. جسم تي ڪنهن بي قسم جا اڇا نشان گهٽو ڪري انهن جي نسلي خاصيتن جي خلاف سمجهو ويندو آهي . انهن جو رويو خاص ڪري سخت هوندو آهي .

**سنگ** انهن جا سنگ ننڍا ۽ ھُڪدار ھوندا آھن جڏھن تي سدھا سنگ انھن جي بھتر خاصيتن جي خلاف آھن





**اوھ ۽ ٿڻ** انهن جو اوهه مضبوط ۽ وڏو هوندو آهي . وچولا ٿڻ ۽ جڏهن تي اڳيان ٿڻ پوئين ٿڻن جي نسبت ۾ ننڍا هوندا آهن .







| نمبر | نسلي خاصيتون | |
|---|---|---|
| -1 | سراسري پيدائشي وزن(مادي) ڪلوگرام | 30 |
| -2 | سراسري پيدائشي وزن(نر) ڪلوگرام | 32 |
| -3 | جوان ٿيڻ جي سراسري عمر (مهينا) | 36 |
| -4 | جوان ٿيڻ وقت سراسري وزن (ڪلوگرام) | 2 |
| -5 | پهرين ڦر وقت سراسري عمر (مهينا) | 54 |
| -6 | ڦرجي پيدائش کان اڳلي حمل تائين وارو عرصو(ڏينهن) | 3 |

| نمبر | نسلي خاصيتون | |
|---|---|---|
| -7 | ڍڪپڻ جو عرصو (ڏينهن) | 310 |
| -8 | کير ڏيڻ وارو عرصو(ڏينهن) | 325 |
| -9 | ٻن ڦرن جي پيدائش جو وچ وارو عرصو(ڏينهن) | 551 |
| -10 | وڌ کان وڌ گهٽو کير جي پيداوار (ڪلوگرام) | 32 |
| -11 | کير ڏيڻ جي سراسري پيداوار (ڪلوگرام) | 2300 |
| -12 | کير ۾ سٿپ(سيڪڙو) | 6 |

## بهتر پيداواري خاصيتن جي جانورن جو چونڊ

صحت مند ۽ بهتر پيداواري صلاحيت رکندڙ جانور هر ڊيري فارمر جي پهرين ترجيع هوندي آهي پر بهتر پيداواري خاصيتون رکندڙ جانورن جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ نہ هجڻ جي ڪري اهڙن جانورن جي چونڊ هڪ مشڪل مرحلو آهي جڏهن تہ اهڙيون خاصيتون رکندڙ جانورن جي لاءِ مڪمل ڄاڻ ۽ ڀرپور تجربي جي سخت ضرورت آهي . کير ڏيندڙ جانورن جون ڪجهہ اهم پيداواري خاصيتون هيٺ ڏنل آهن .

### جسماني بيهڪ

جسماني بيهڪ ڪنهن بہ جانور جي پيداواري صلاحيت ۾ الڳ ڪردار ادا ڪندي آهي . انهي بيهڪ جو اندازو جسماني ڍانچي جي ڊگهائي، ويڪرائي ۽ گهرائي آساني سان لڳائي سگهجي ٿو . جانورن جي جسماني بيهڪ جيتري وڏيڪ هوندي ايترو ئي انهن جا اندريان عضوا وڏا هوندا ۽ بهتر طريقي سان پهنجو ڪم سرانجام ڏيندا نتيجن کير جي پيداوار بہ وڌيڪ هوندي .


گهٽ گهرو


وچولو


گهرو



### ٽنگن ۽ کرن جو پوئين پاسي کان جائزو

اهڙا جانور جن جي پوئين ٽنگن جا گوڏا اندرين طرف مڙيل ۽ کر ٻاهر جي طرف مڙيل هجن تہ اهڙن جانورن کي هلڻ ۾ مشڪلات ۽ اوهہ تہ زخم لڳڻ جا امڪان بہ وڌيڪ هوندا آهن .


اندرئين طرف مڙيل گوڏا


وچولا گوڏا

### ٽنگن ۽ کرن جو وچون پاسو

ٽنگن ۽ کرن جو وچولو پاسو جيترو سڌو (90 ڊگري) هوندو هلڻ ڦرڻ ۾ اوتري ئي آساني ٿيندي کرن


گهٽ ڪنڊائتو


وچولو ڪنڊائتو


سڌو (موزون)

جا مسئلا بہ گهٽ ٿيندا ۽ انهن کي ڪٽن جي ضرورت بہ گهٽ پوندي اهو ڪنڌائتو 45 ڊگري تائين بهتر سمجهيو ويندو آهي .

## پوئين ڪلهي جي هڏي (رمپ)

ڪلهي جي هڏي ڊگهي، ويڪري ۽ مظبوط بناوٽ جي هجڻ گهرجي . ڪلهي جي هڏين جي درميان **موزون لاهي** هوندي تہ ڦر جي پيدائش ۽ افزائش نسل جي مختلف مسئلن کان بچي سگهجي ٿو . وڏيڪ لاهي هجڻ جي صورت ۾ هلڻ ڦرڻ ۾ مشڪل ٿي سگهجي ٿي .


گهٽ لاهي


موزون لاهي


گهٽي لاهي

## پاسرائيون

پاسرائيون ويڪريون، انهن جي وچ وارو مفاصلو وڏيڪ ۽ پوئين طرف نوڪدار هئڻ گهرجي جنهن سان پاسرائين جو ڍانچو ۽ ڦڦڙ وڏي ۽ بهتر طريقي سان پهنجو ڪم سرانجام ڏيندا .




پاسرائين جي وچ ۾ گهٽ مفاصلو


پاسرائين جي وچ ۾ وڏيڪ مفاصلو

## ٽنگن جو سائيڊ کان مشاهدو

پوئين ٽنگن جو گوڏن تي نهڻ واري ڪنڌ نہ تہ بلڪل سڌهي هجي ۽ نہ ئي وڏيڪ مڙيل هجي پر انهي کي وچولو هجڻ گهرجي . اها ڪنڌ سڌهي هجڻ جي صورت ۾ گوڏن ۾ لچڪ گهٽ هوندي آهي نتيجن جانورن کي هلڻ ڦرڻ ۾ مشڪلات پيش ايندي آهي .


سڌهو


وچولو


نوڪدار

## اوھ ۽ ٿڻ

اوھ ۽ ٿڻ کير وارن جانورن جي خاصيتن ۾ سڀ کان وڏيڪ اهميت رکندا آهن ڇو تہ کير واري جانورن جو مقصد ئي کير جي پيداوار هوندو آهي اهو ئي سبب آهي تہ بهتر پيداواري صلاحيت رکندڙ جانورن جي چونڊ ۾ اوھ ۽ ٿڻ جي بناوٽ تي وڏيڪ زور ڏنو ويندو آهي . وڏيڪ عرصيتائين بهتر ڪارڪردگي جي لاءِ اوھ وڏو ۽ مضبوطي سان جڙيل ۽ برابر هجڻ گھرجي . انهن خاصيتون جي تفصيل هيٺ ڏجي ٿي .

### اوھ جي ڊگهائي،ويڪرائي ۽ گهرائي

ظاهري مشاهدي سان اوھ جي ڊگهائي، ويڪرائي ۽ گهرائي جو اندازو بخوبي لڳائي سگھجي ٿو .

**ڊگهائي** اوھ جي ڊگهائي جو تعلق پيشاب گاھ ۽ اوھ جي جوڙ جي وچولي فاصلي ڪان ڪيو ويندو آهي.اوھ جيترو پيشاب گاھ جي ويجهو هوندو اوتروئي وڏيڪ پيداواري صلاحيت رکندڙ هوندو.


ننڍو


وچولو


ڊگهو



**ويڪرائي** اوھ جي ويڪرائي جو اندازو انهي جي جوڙ جي جاءِ ڪان لڳائي سگھجي ٿو . جوڙ جيترو ويڪروهوندو اوترو ئي اوھ جي پيداواري صلاحيت وڏيڪ هوندي.


گهٽ ويڪرو


وچولو


ويڪرو

**گهرائي** اوھ جي گهرائي کير ڏيندڙ جانورن جي سڀ کان اهم طبعي خاصيت آهي . ان جي گهرائي جو اندازوگوڏن ۽ اوھ جي پوئين سطح جي ويجهو يا پري ڪان لڳائي سگھجي ٿو . گوڏن ڪان مٿي اوھ هجڻ جيصورت ۾ ڦڪريو ۽ زخم لڳڻ جو خدشو گهٽ هجڻ سان گڏ جانورن جي پيداواري عمر بہ وڏيڪ


گوڏن ڪان هيٺ


گوڏن ڪان مٿي


موزون

هوندي آهي . اوهه جي گهرائي جو اندازو لڳائڻ جي لاءِ جانور جي عمر کي نظر ۾ رکڻ انتهائي ضروري آهي .گوڏن کان هيٺ لٽڪندڙ اوهه جانورن جي چوندڻ ۾ هڪ اهم نقص سمجهو ويندو آهي .

**اوهه جي وچولي لائن** اوهه جي وچولي لائن جيتري گهري هوندي اوترو ئي اوهه مضبوط هوندو . اها لائن اوهه کي مضبوطي سان جڙيل رکڻ ۾ مدد ڪندي آهي .



گهري | وچولي | هلڪي

**اوهه جي اڳئين حصن جو جوڙ** اوهه جو اڳيون حصو وڏو، جسم سان مضبوط جڙيل، اڳئين ۽ پوئين حصي





جي متوازن ويڪرائي سان گڏو گڏ ٻنهي ۾ بهتر **توازن** هجڻ گهرجي . اوهه جي اڳئين حصي جو **پکڙيل** هجڻ هڪ اهم پيداواري خاصيت آهي ڇو ته جيئن جانور هلي تي اوهه گهٽ کان گهٽ حرڪت ڪري .

**ٿڻن جو جوڙ** ٿڻ **ساخت،** بناوٽ ۽ **ماپ** جي اعتبار سان برابر هجن ۽ چارئي ٿڻن جو وچولو فاصلو به برابر هجي . انهي کان سواءِ ٿڻ **مٿ** ۾ ڊگها ۽ گهاٽي رنگ جا هجڻ گهرجن . اندر يا ٻاهر جي طرف مڙيل ٿڻ کير ڏيڻ جي عمل ۾ ڏکيائي جو سبب بڻجندا آهن .



وڏيڪ فاصلو | هڪ جيترو فاصلو | گهٽ فاصلو

### رويو

کير واري جانورن جو رويو هلڪو ۽ اصيل هجڻ گهرجي .

### ظاهري حالت

کير ڏيندڙ جانور مڪمل طور تي صحت مند هجڻ گهرجن . انهن جي کل سنهڙي چمڪدار، ڊگهي سنهڙي ڳچي، مضبوط ڄاڙي، ويڪرو ٿوهو، وڏا لٽڪندڙ ڪن، سڌهي چيلهه ۽ نوڪدار ڪلها واضح خاصيتون آهن .

## کير وارن جانورن جي خريداري جي لاءِ تجويزون

اعلىٰ نسل، بهتر پيداوار، صحت مند، نرم مزاج رويو، پرڪشش جسم ۽ مناسب قيمت رکندڙ جانورن جي چونڊ ڊيري فارمرز جي پهرين ترجيع هوندي آهي پر مال پڙين ۾ اهڙن جانورن کي حاصل ڪرڻ وڏو مشڪل مرحلو آهي . اهڙيون خاصيتون رکندڙ جانورن جي چونڊ جي لاءِ مڪمل آگاهي، ڀرپور تجربي ۽ موقع پرست واپارين جي ٻڌاهيل حقيقتن کي جانچڻ لاءِ مڪمل مهارت جي ضرورت هجڻ گهرجي . هيٺ ڏنل تجويزن جي روشني ۾ گهربل خاصيتن واري جانور کي حاصل ڪرڻ ممڪڻ بڻائي سگهجي ٿو .

- جانورن جي چونڊ جي وقت انهن جي مالڪ يا واپاري جي مهيا ڪندڙ معلومات کي خاطر ۾آڻي بغير ذاتي مفادن کي نظر ۾ رکڻ انتهائي ضروري آهي
- کير وارا جانور مستند ذريعن يا ڊيري فارم کان خريد ڪرڻ جي صورت ۾ انهن جي ابن ڏاڏن، عمر، پيداوار، ڦر ڏيڻ جي تاريخ ۽ بچاءَ جي ٽڪن وغيره جي ڪورس جو مڪمل ريڪارڊ وٺڻ انتهائي ضروري آهي .
- جانور خريد ڪرڻ وقت انهن جي پيداواري خاصيتن سان گڏ ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي صلاحيتن کي بہ بغور مشاهدو ڪرڻ بہ ضروري آهي .











- چست، بهتر جسماني ڪيفيت ۽ خوراڪ جي طرف ڀرپور شوق سان پيٽ ڀري ڪري کائڻ جي عادي جانور کي هميشہ ترجيع ڏيو .
- جانورن جي چمڙي چمڪدار هجڻ سان گڏوگڏ انهن جي مخصوص نسلي رنگ ۾ مڪمل هڪجهڙائي هجڻ گهرجي . سڄي جسم تي ڊگهن وارن جو هجڻ ۽ اونهاري ۾ جانور جو سهڪڻ ماضي ۾ انهي جي ساماڙو سان متاثر ٿيڻ جي نشاندهي ڪري ٿو .
- ڊيري فارمر هميشہ بغير سنگ وارين ڳئون کي پسند ڪندا آهن ۽ اهڙن جانورن جي قيمت بہ وڌيڪ هوندي آهي . سنگن جي موجودگي جانورن جي پرورش ۾ لاعلمي ۽ غير ذميدار رويي کي ظاهر ڪندي آهي .
- گهڻو ڪري واپاري پڙين ۾ وڌيڪ عرصي واري ويامل جانور کي تازو ويامل ثاهي وڪڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهن انهن ڪري ڊيري فارمر کي تازي ويامل جانور جي تمام علامتن مثالطوراوهہ، ٿڻن ۽ انهي سان لاڳاپيل حصن جي سوڄ، پٺن جو ڍرو هجڻ، پوئين حصي تي رت جا نشان ۽ ويامل جانور جي 3 کان 4 ڏينهن جي پس جي هجن جو بخوبي اندازو هجڻ گهر جي .
- پڙين ۾ کير وارن جانورن کي تازو ويامل ظاهر ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن ٻئي جانور جو ڦر لڳائڻ جي روايت بہ عام آهي انهي ڪري ماءَ جي اصلي ڦر جي شناخت لاءِ انهي ٻنهي جي ظاهري ۽ نسلي خاصيتن ۾ هڪجهڙائي کي جانچڻ جو هنر اچڻ گهرجي .









- ننڍين ڦرن جي عمر جو اندازو ان جي ڏن، چمڙي، سنگن ۽ ٻين ظاهري ۽ جسماني بناوٽ سان باآساني لڳائي سگهجي ٿو .
- جانور کي وڪڻڻ وقت واپاري کير جي پيداوار جي متلعق هميشہ وڌاءُ سان ڪم وٺندا آهن انهي ڪري انهن جي بيان ڪيل معلومات تي هرگز ڪن نہ ڏيو  بلڪ جانور جو مڪمل کير ڏوهڻ ڪان بعد گهٽ ۾گهٽ وڌيڪ ٻہ دفعہ کير ڏوهڻ سان انهن جي پيداواري صلاحيت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو .
- کير وارن جانورن کي خريد ڪرڻ وقت انهن جي ٿڻن ۽ اوھ سان جڙيل سڀ ڪان وڌيڪ دوکي جو سبب بڻجي ٿو انهي ڪري کير ڏوهڻ جي دوران سٺي طرح تصديق ڪيو تہ جيئن جانورن ۾ ٿڻن يا انهي سان متعلق پيچيدگي ڪان مڪمل طور تي پاڪ آهي .
- ڍڪين جانورن کي هميشہ ماهر ويٽرنري ڊاڪٽرڪان ڍڪپڻ جي جانچ ڪرايو انهن ڪان سواءِ کير وارن جانورن وانگرانهن ۾ ٿڻ ۽ اوھ سان متعلقہ پيچدگين جو مڪمل معائنو ڪرائڻ انتهائي ضروري آهي .
- جانور خريد ڪرڻ وقت انهي جي رويي کي جانچڻ انتهائي ضروي آهي ڇو تہ جانور جي وڙهڻ واري رويي وارن جانورن ۾کير جي ڏوهائي، ڦر سان لڳاءُ ۽ ٻين انتظامي ڪمن جي مسئلن جو سبب بڻجڻ ٿا .



## مختلف مال پڙين جي معلومات

### پنجاب ۾ جانورن جي مختلف مال پڙين جي معلومات هيٺ ڏنل آهي:

| نمبر | جڳهه | تاريخ/ڏينهن |
|---|---|---|
| 1- | اوڪاڙا | هر مهيني 3,4,5,6,7 |
| 2- | عارف والا | هر مهيني 10,11,12 |
| 3- | چيچہ وطني | هر مهيني 19,20,21 |
| 4- | گوجرا (منڊي بهائوالدين) | هر آڱاري |
| 5- | فيصل آباد (سدهار بائي پاس) | هر آچر |
| 6- | پسرور (سيالڪوٽ) | هر خميس |
| 7- | شيخوپورا | هر چنچر |

| نمبر | جڳهه | تاريخ/ڏينهن |
|---|---|---|
| 8- | شاھ ڪوٽ (فيصل آباد) | هر آڱارو |
| 9- | کهاريان (گجرات) | هر آڱاري ۽ جمع |
| 10- | اٽڪ | هر جمع |
| 11- | لاهور | هر اربع |
| 12- | بهلوال (سرگودها) | هر جمع |
| 13- | خوشاب | هر جمع |
| 14- | چنيوٽ | هر خميس |

### سنڌ ۾ جانورن جي مختلف مال پڙين جي معلومات هيٺ ڏنل آهي:

| نمبر | جڳهه | تاريخ/ڏينهن |
|---|---|---|
| 1- | ميرپور ساڪرو (ٺٽو) | آڱارو |
| 2- | چوهڙ جمالي | آڱارو |
| 3- | ٺٽو | خميس |
| 4- | تلهار | چنچر |
| 5- | گولارچي | سومر |
| 6- | ٽنڊوسائينداد (ٽنڊو محمد خان) | آچر |

| نمبر | جڳهه | تاريخ/ڏينهن |
|---|---|---|
| 7- | حيدر آباد | اربع |
| 8- | هالا | سومر |
| 9- | ٽنڊو الهيار | اربع |
| 10- | چمبڙ | آڱارو |
| 11- | ٽنڊو آدم | چنچر |
| 12- | ملير (ڪراچي) | سومر ۽ آڱارو |